SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXIV مجريه 2001

# SINDH ORDINANCE NO.XXXIV OF 2001

# سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2001

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment in section 2 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

3. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 26 جي ترميم
Amendment in section 26 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

4. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 51 جي ترميم
Amendment in section 51 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

5. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 54 جي ترميم
Amendment in section 54 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

6. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 66 جي ترميم
Amendment in section 66 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

7. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 76 جي ترميم
Amendment in section 76 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

8. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 109 جي ترميم
Amendment in section 109 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

9. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 115 جي ترميم

Amendment in section 115 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

.10 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 119 جي ترميم

Amendment in section 119 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

.11 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 131 جي ترميم

Amendment in section 131 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

.12 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 156 جي ترميم

Amendment in section 156 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

.13 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 158 جي ترميم

Amendment in section 158 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

.14 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 186 جي ترميم

Amendment in section 186 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

.15 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي پهرين شيڊول جي ترميم

Amendment of First Schedule of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXIV مجريه 2001
# SINDH ORDINANCE NO.XXXIV OF 2001
# سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2001
# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[27 آڪٽوبر 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت، 2001 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ مڪاني حڪومت، 2001 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

| | |
|---|---|
| Short title and commencement | (2)هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ 14 آگسٽ 2001کان لاڳو سمجهيو ويندو. |
| سنڌ جي 2001 آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعہ 2 جي ترميم<br>Amendment in section 2 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001 | 2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ چاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 جي شق (xxvii) کانپوءِ هيٺين نئين شق (xxvii_a) شامل ڪئي ويندي:<br>“(xxvii_a) صوبائي ڊائريڪٽر جنرل آڊٽ مطلب ان مقصد لاءِ آڊيٽر جنرل آف پاڪستان طرفان نامزد ڪيل عملدار؛”. |
| سنڌ جي 2001 آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعہ 26 جي ترميم<br>Amendment in section 26 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001 | 3.چاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 26 جي لائين 4 ۾، لفظ “ضلعو” لفظ “حڪومت” کان اڳ ۽ لفظن “طرفان جوڙيل” کانپوءِ ختم ڪيو ويندو. |
| سنڌ جي 2001 آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعہ 51 جي ترميم<br>Amendment in | 4. چاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 51 جي سٽ 2 ۾، لفظ ۽ ڪاما کانپوءِ “ٿيندو”، لفظن، انگن ۽ ڪاما کانپوءِ “دفعات 35 ۽ 36 موجب” کي شامل ڪيو ويندو. |

section 51 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعہ 54 جي ترميم

Amendment in section 54 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

5. جاڳايل آرڊيننس ۾، دفعہ 54 لاءِ، شق (a) کانپوءِ، هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

“(nn) ڪيٽل فارمس ۽ ڪيٽل مارڪيٽس منظم ڪرڻ.”.

2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعہ 66 جي ترميم

Amendment in section 66 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

6.جاڳايل آرڊيننس جي دفعہ 66 ۾:

(i) سٽ 2 ۾ لفظ ۽ ڪاما کانپوءِ “ڏيندو”، لفظ انگ ۽ ڪاما کانپوءِ “دفعہ 40 موجب،” شامل ڪيا ويندا.

(ii) سٽ 3 ۾، لفظ “رجوع“ کانپوءِ لفظ “ڏانهن” کي ختم ڪيو ويندو ۽ لفظ “گنجائشن” کانپوءِ لفظ “ڏانهن“ کي شامل ڪيو ويندو.

2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعہ 76

7.جاڳايل آرڊيننس جي دفعہ 76 ۾، شق (h) کي ختم ڪيو ويندو.

جي ترميم
Amendment in section 76 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعہ 109 جي ترميم
Amendment in section 109 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

8. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 109 جي ذيلي دفعہ (5) ۾، لفظن "ذيلي دفعہ (3)" کانپوءِ لفظن "۽ ذيلي دفعہ (12)" کي شامل ڪيو ويندو.

2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعہ 115 جي ترميم
Amendment in section 115 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

9. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 115 ۾:
(i) ذيلي دفعہ (1) جي سٽ 1 ۾، لفظ "ساليانو" کانپوءِ لفظ "اندروني" شامل ڪيو ويندو.
(ii) ذيلي دفعہ (3) جي سٽ 2 ۾، لفظن "سبب ڄڻجندو" کانپوءِ لفظ "آڊٽ" کان اڳ لفظ "هڪ" لاءِ لفظ "خاص" کي متبادل بڻايو ويندو.

2001 جي سنڌ

10. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 119 ۾:

| | |
|---|---|
| (i) موجود ذيلي دفعہ (1) کي (1_A) طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو ۽ ذيلي دفعہ (1_A) کان اڳ هيٺيون ذيلي دفعہ شامل ڪيو ويندو: | آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعہ 119 جي ترميم<br>Amendment in section 119 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001 |

"(1) لاڳاپيل مڪاني حڪومت اسڪيمن جي درجابندي بيان ڪندي جيڪي اسڪيمون هن دفعہ تحت تڪڙن بنيادن تي مڪمل ڪرڻيون آهن."؛

(ii) (ٻيهر نمبر ڏنل) ذيلي دفعہ (1_A) لاءِ لفظن "پنجاهہ سيڪڙو" لاءِ لفظن "اسي سيڪڙو" کي متبادل بڻايو ويندو.

(iii) (ٻيهر نمبر ڏنل) ذيلي دفعہ (2) ۾، لفظن ۽ انگن، ذيلي دفعہ (1)، لاءِ لفظن ۽ انگن ذيلي دفعہ (1_A) کي متبادل بڻايو ويندو؛

(iv) ذيلي دفعہ (3) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(3) بجيٽ پيش ڪرڻ کان اڳ ڪنهن تاريخ تي هر مڪاني حڪومت طرفان سٽيزن ڪميونٽي بورڊ پاران تجويز ڪيل سمورين اسڪيمن جي رجسٽريشن بابت اعلان ڪيو ويندو.

(v) ذيلي دفعہ (7) کي ٻيهر هيٺين ريت لفظ ڏنا ويندا:

"(7) ذيلي دفعہ (6) ۾ ڄاڻايل بيانن جي ضلعي ڪائونسل، تعلقي ڪائونسل، ٽائون ڪائونسل يا يونين ڪائونسل، جيئن معاملو هجي، طرفان سادي اڪثريت سان منظوري ڏني ويندي، جنهن سلسلي ۾ لاڳاپيل ڪائونسل طرفان هڪ خاص گڏجاڻي ڪوٺائي ويندي."؛ ۽

(vi) ذيلي دفعہ (8) کانپوءِ، هڪ نئين ذيلي دفعہ (9) شامل ڪئي ويندي، جيڪا هيٺين ريت هوندي:

"(9) لاڳاپيل ضلعي جو ضلعي اڪائونٽس آفيسر ضلعي ۽

تعلقي يا ٽائون پراونشل اڪائونٽس مان خرچ جي شيڊول مان فنڊس جاري ڪندو، جيئن لاڳاپيل ڪائونسل طرفان ترتيبوار ذيلي دفعه (8)، دفعه 109 جي ذيلي دفعه (12) تحت منظور ڪيا ويا هجن.".

2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 131 جي ترميم
Amendment in section 131 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

11. چاڙهيل آرڊيننس جي دفعه 131 جي ذيلي دفعه (3) ۾، لفظن "چيئرمين ۽" کي ختم ڪيو ويندو.

2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 156 جي ترميم
Amendment in section 156 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

12. چاڙهيل آرڊيننس جي دفعه 156 جي ذيلي دفعه (5) ۾، لفظن "ٽائون ناظم" کانپوءِ لفظن "نائب تعلقي ناظم يا نائب ٽائون ناظم" کي شامل ڪيو ويندو.

2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه

13. چاڙهيل آرڊيننس جي دفعه 158 ۾، آخر ۾ اينڊڙ فل اسٽاپ کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"وضاحت: هن دفعه جي مقصد لاءِ هڪ "چونڊيل آفيس"

| | |
|---|---|
| رڪندڙ مطلب هڪ شخص جنهن هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدن موجب حلف کنيو هجي.”. | 158 جي ترميم<br>Amendment in section 158 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001 |
| 14. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 186 ۾، ذيلي دفعہ (1) کانپوءِ هيٺين ذيلي دفعہ (1-A) شامل ڪئي ويندي:<br>“(1-A) جتي مڪاني ڪائونسل ذيلي دفعہ (1) تحت جائز نموني جوڙي وئي آهي، پر ناظم ۽ نائب ناظم جون سيٽون ضروري طريقيڪار موجب ناهن ڀريون ويون، لاڳاپيل ڪائونسل ناظم ۽ نائب ناظم پنهنجي ميمبرن منجهان چونڊيندي، جيستائين انهن جون سيٽون اليڪشن ذريعي ڀريون نہ وڃن.”. | 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعہ 186 جي ترميم<br>Amendment in section 186 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001 |
| 15.ڄاڻايل آرڊيننس جي پهرين شيڊول ۾، حصي C جي شق X کي ختم ڪيو ويندو. | 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي پهرين شيڊول جي ترميم<br>Amendment of First Schedule of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001 |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**